هفتيوار رسالو :363
WEEKLY BOOKLET:363

امير اهلِ سنت جي ڪتاب "فيضانِ نماز" مان هڪ قسط

# نماز

SINDHI

## ڪان توجهه هٽائڻ واريون شيون



- ڇا لباس جو اثر دل تي ٿيندو آهي ؟
- ٻڪي ڏارن ڪيئن ؟
- روزيءَ ۾ برڪت جو مضبوط ذريعو
- ٻانهي کان رڪعتون جو وسرنديون آهن ؟

شيخ طريقت امير اهلسنت باني دعوت اسلامي حضرتِ علامه مولانا ابو بلال
محمد الياس عطّار قادِري رضوي دامت برڪاتهم العاليه

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ ؕ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖنَ ؕ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)



طالب غم
مدینہ
بقیع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)


رسالي جو نالو: **نماز کان توجه هٽائڻ واريون شيون**

ڇاپو پهريون: محرم الحرام 1446هه، آگسٽ 2024ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدنی التجا: کنهن کی بہ هی ڪتاب ڇاپڻ جی اجازت ناهی

ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

اَمِيرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي كتاب ”فيضان نماز“ مان ورتل مواد

# نمازڪان توجه هٽائڻ واريون شيون

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ط بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط

# نمازڪان توجهه هٽائڻ واريون شيون[1]

**دعاءِ عطار!** يارَبّ المصطفٰي! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”نماز ڪان توجُّهہ هٽائڻ واريون شيون“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي خوب توجهه سان نماز پڙهڻ جي سعادت ڏي ۽ ان جي والدين سميت بي حساب بخشش فرماءِ.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلّی اللّٰهُ عليهِ واٰلهٖ وسلّم

## درود شريف جي فضيلت

نماز کان پوءِ حمد و ثناء ۽ درود شريف پڙهڻ واري کي فرمايو: دُعا گهرو قبول ڪئي ويندي، سوال ڪيو، ڏنو ويندو. (نسائي، ص 220، حديث: 1281)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڊيزائن واري چادر ۾ نماز؟

”بخاري شريف“ ۾ آهي: اُمُّ المؤمنين حضرت عائشہ صديقہ رضی اللہ عنہا کان روايت آهي تہ مڪي مدني مصطفٰي صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم خميصہ (يعني نقش و نگار واري) چادر ۾ نماز پڙهي، ان جي نهيل نقش و نگار (يعني ڊيزائن) تي نظر وڌي، جڏهن فارغ ٿيا تہ فرمايائون: ”منهنجي

1 هي مضمون امير اهلِ سُنّت جي ڪتاب”فيضانِ نماز“ صفحي 298 کان 302 مان ورتو ويو آهي.

اها چادر ابو جَهم وٽ ڪٽي وڃو ۽ ابو جَهم کان اَنبِجَانِيَّه جي چادر وٺي اچو، ڇو ته ان (ڊيزائن واري) چادر هاڻي مون کي نماز کان روڪي رکيو.“ هڪ روايت ۾ هيئن به آهي ته ”نماز ۾ ان جا نقش و نگار (يعني ڊيزائن) ڏسڻ لڳس ته مون کي خوف آهي ته هي منهنجي نماز خراب ڪري ڇڏي.“ (بخاري،ج1،ص149،حديث 373)

## لباس جو اثر دل تي ٿيندو آهي

حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ حديث پاڪ جي حوالي سان لکن ٿا: عربي ۾ خميصه ڊيزائن واري چادر کي چوندا آهن، اها اُوني ڪاري چادر هئي جيڪا ابو جهم (رَضِيَ اللهُ عَنْه) هدية (يعني بطور تحفو) خدمتِ اقدس ۾ پيش ڪئي هئي، ان کي پائي سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نماز پڙهي رهيا هئا. اَنبِجَانِيَّه شام (يعني سوريا) جي هڪ بستي جو نالو آهي جتي سادا ڪپڙا تيار ٿيندا آهن انهي جي طرف هن جي نسبت آهي. جيئن اسان وٽ پاڳل، بوريا، ڍاڪا جي ململ يا لائل پور جو لَٺو مشهور آهي. ڇو ته چادر جو واپس ڪرڻ ابو جهم (رَضِيَ اللهُ عَنْه) کي ڏک ڏي ها، ان جي دلداري (يعني دلجوئي) جي لاءِ ان جي بدلي ۾ ٻي چادر طلب فرمائي. صوفياءِ ڪرام فرمائن ٿا ته لباس جو اثر دل تي ٿيندو آهي، خاص طور صاف ۽ روشن دل جلدي اثر وٺندي آهي، جئين اڇي ڪپڙي تي ڪارو داغ معمولي (هجي ته به) پري کان چمڪندو آهي. هن مان معلوم ٿيو ته مسجد جو محراب سادو هئڻ بهتر آهي ته جيئن نمازي جو ڌيان نه ٿڪي. ڪجهه صوفياءِ ڪرام ڊيزائن واري مصلي جي بدران سادي چٽائيءَ تي نماز پڙهڻ بهتر سمجهندا آهن، ان جو ماخذ (يعني بنياد) اهائي حديث آهي. خيال رهي ته اهو سڀ پنهنجي اُمت

جي تعليم جي لاءِ آھي، مصطفٰي ڪريم (صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم) جي مبارڪ دل تي گذرڻ واريون ڪيفيتون مختلف آھن، ڪڏھن ڪپڙن جي ڊيزائن سان خشوع و خضوع گھٽ ٿيڻ جو ڊپ ھوندو آھي ۽ ڪڏھن ميدانِ جھاد ۾ تلوارن جي ڇانوَ ۾ نماز پڙھندا آھن ۽ خشوع ۾ ڪو فرق ناھي ايندو، ڪڏھن بشريت جو ظھور آھي ۽ ڪڏھن نورانيت جي جلوه گيري. (مراٰۃ المناجیح،ج1،ص466،ملتقطاً)

## ڊيزائن واري لباس ۾ نماز جائز آھي

اي عاشقانِ رسول! ھن مان ڪو اھو نہ سمجھي تہ رنگين يا ڊيزائن واري لباس ۾ نماز پڙھڻ ئي ناجائز آھي! مسئلو ھي آھي تہ لباس جو ڊيزائن ھجي يا ڪيسي ۾ وزني شيءِ يا ڪا بہ شيءِ جيڪا نماز جي خشوع ۾ رڪاوٽ وجھي ان کان بچڻ بھتر ۽ ثواب جو ڪم آھي.

## نئين نعلين شريف

حضور نبي ڪريم صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم ھڪ ڀيري نئين نعلين شريف يعني مبارڪ جوتيون پاتيون، اھي پاڻ ڪريمن کي سنيون لڳيون تہ سجده شڪر ڪيو ۽ ارشاد فرمايائون: مان پنھنجي رب جي سامھون عاجزي ڪئي تہ جيئن اھو مون تي غضبناڪ نہ ٿئي. پوءِ پاڻ سڳورا صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم باھر تشريف ڪٺي ويا ۽ سڀ کان پھريان ملڻ واري سائل (يعني گھرڻ واري) کي اھي نعلين شريف ڏئي ڇڏيون. پوءِ امير المؤمنين حضرت علي المرتضٰي رضی اللہ عنہ کي ارشاد فرمايائون: ”منھنجي لاءِ پراڻا نرم چمڙي جا نعلين (يعني جوتا) خريد ڪيو.“ پوءِ اھي پاتا. (احیاءُ العلوم (اردو)،ج1،ص509)

## سون جي منڊي

مردن جي لاءِ سون حرام ٿيڻ کان پهريان مصطفٰي جانِ رحمت صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم جي هٿ مبارڪ ۾ سون جي هڪ منڊي هئي، پاڻ صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم نوراني منبر تي تشريف فرما ٿيا ته منڊي لاهي ڇڏي ۽ ارشاد فرمايو: ”هن مون کي مصروف ڪري ڇڏيو، منهنجي هڪ نظر هن جي طرف رهي ۽ هڪ نظر توهان جي (يعني حاضرين جي) طرف.“ (احياءَ العلوم (اردو)،ج1،ص509)

## سون مرد جي لاءِ حرام

اي عاشقانِ رسول! پهريان سون مردن جي لاءِ جائز هو پوءِ بعد ۾ حرام ڪيو ويو. جيئن حضرت مولٰي علي رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: رحمتِ عالم صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم ساڄي هٿ ۾ ريشم کنئي ۽ کاٻي هٿ ۾ سون پوءِ هيئن فرمايو ته ”هي ٻئي شيون منهنجي اُمت جي مردن تي حرام آهن.“ (ابو داؤد،ج4،ص71،حديث4057) (بهارِشريعت،ج3،ص424)

## سون جي منڊي اڇلائي ڇڏي (حڪايت)

اسان سيني جي پياري نبي صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم هڪ شخص جي هٿ ۾ سون جي منڊي ڏٺي ته ان کي لاهي اڇلائي ڇڏيو ۽ هي فرمايو ته ”ڇا ڪير پنهنجي هٿ ۾ ٽانڊو رکندو آهي!“ جڏهن حضور اڪرم (صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم) تشريف کڻي ويا، ڪنهن ان کي چيو: پنهنجي منڊي کڻو، ۽ ڪنهن ڪم ۾ آڻيو. انهن چيو: خدا جو قسم! مان هن کي ڪڏهن به نه کڻندس، جڏهن ته رسول الله صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم ان کي اڇلائي ڇڏيو.
(مسلم،ص891،حديث5472)

ہر صحابي نبي جنتي جنتي　　سب صحابيات نبي جنتي جنتي

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پکيءَ جي محبت جو وبال (حڪايت)

هڪ عابد (يعني عبادت گذار ٻانهو) ڪنهن جهنگل ۾ وڏي عرصي تائين اللّٰهُ رَبُّ الْعِزَّت جي عبادت ڪئي. ان هڪ پيري ڪنهن پکيءَ کي وڻ جي اندر پنهنجي آکيري ۾ ٻوليندي ڏسي دل ۾ چيو: ڪيڏو نہ سٺو هجي تہ مان عبادت جي لاءِ هن وڻ جي ويجهو جڳهہ ٺاهيان تہ جيئن هن پکي جي آواز سان پيار(Affection) وٺندو رهان. پوءِ ان ائين ڪري ورتو، تہ اللّٰه پاڪ ان وقت جي نبي عَلَيْهِ السَّلَام تي وحي نازل فرمائي: فلاڻي عابد (يعني عبادت گذار) کي چئي ڇڏيو: ”تون مخلوق سان مانوس ٿئين (يعني پيار حاصل ڪيو) مون تنهنجو درجو ايترو گهٽ ڪري ڇڏيو آهي جو هاڻي ڪنهن بہ عمل سان ان کي نہ تون ماڻين سگهين.“

(احياءُ العلوم (اردو) ج5،ص121)

## پکي پالڻ ڪيئن؟

اي عاشقانِ رسول! پکي وغيره پالڻ جائز آهي. پر انهن ڪمن ۾ اهڙي مصروفيت مناسب ناهي جو نمازن جو خشوع ۽ ٻين عبادتن جي اندر دلجمعي ۾ رڪاوٽ بڻجي. ۽ اهو ضروري آهي تہ داڻو پاڻي وغيره اهڙي ڪثرت سان ڏيو جو ڪهڙي طرح بہ اوهان جي ڪري ان کي بُک اُڃ جي تڪليف نہ پهچي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: ”(جانورن کي) ڏينهن ۾ ستر(70) پيرا (يعني تمام

گهٽو داٽو) پاٽي ڏيڪاريو. نہ تہ پالڻ ۽ بڪايل اجايل رکڻ سخت گناهہ آهي.“ (فتاوي رضويه،ج24،ص644) جانور تي هر طرح جي ظلم کان بچڻ ضروري آهي جو جانور تي ظلم ڪرڻ مسلمان تي ظلم ڪرڻ کان بہ وڌو گناهہ آهي. مسلمان مقدّمو وغيره ڪري سگهي ٿو مظلوم جانور ويچارو ڪنهن کي فرياد ڪندو! تنهن ڪري اهو بہ ياد رهي! تہ مظلوم جانور جي بددعا قبول ٿيندي آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## صحابيءَ باغ صدقو ڪري ڇڏيو (حڪايت)

حضرت ابو طَلحَہ اَنصاري رضی اللہ عنہ پنهنجي باغ ۾ نماز پڙهي رهيا هئا اوچتو خاڪي رنگ جو ڪبوتر اڏريو ۽ ٻاهر نڪرڻ جي لاءِ رستي جي تلاش ۾ هيڏانهن هوڏانهن گهمڻ لڳو، ڪين اهو منظر سٺو لڳو، گهڙي کن جي لاءِ پنهنجي نظر ان جي طرف لڳائي ڇڏي، پوءِ جڏهن نماز جي طرف متوجهہ ٿيو تہ ياد نہ رهيو تہ ڪيتريون رڪعتون ٿيون آهن! پاڻ فرمايائون: منهنجي مال (يعني باغ) مون کي آزمائش ۾ وجهي ڇڏيو! جڏهن رسول الله صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيا ۽ واقعو بيان ڪرڻ کان پوءِ عرض ڪيو: يارسول الله صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم! هاڻي اهو باغ صدقو آهي، جتي چاهيو اتي خرچ فرمايو.

(مؤطا امام مالڪ،ج1،ص107،حديث 225)

## تابعي باغ صدقو ڪري ڇڏيو (حڪايت)

هڪ تابعي بزرگ رحمۃ اللہ علیہ پنهنجي ڪارڪن جي باغ ۾ نماز ادا ڪئي، ڪجيءَ جو وڻ ميون (جي گهڻائي جي ڪري) جهڪيل هيو،

ان تي نظر پئي ته ڪين سنو لڳو ۽ ياد نه رهيو ته ڪيتريون رڪعتون پڙهيون آهن! انهن اهو واقعو اميرالمؤمنين حضرت عثمان غني رضی اللہ عنہ جي خدمت ۾ بيان ڪيو ۽ عرض ڪيو! هاڻي اهو باغ صدقو آهي ان کي الله پاڪ جي راهه ۾ خرچ ڪري ڇڏيو. پوءِ حضرت عثمان غني رضی اللہ عنہ ان کي 50 هزار ۾ وڪڻي ڇڏيو. (احياءَ العلوم (اردو)،ج1،ص510)

## دوست جي ناراضگي جو خوف پر..........

اي جنت جا طلبگارؤ! ڏٺو اوهان! صحابي رسول ۽ تابعي بزرگ جي نماز جي خشوع ۾ سندن باغ رڪاوٽ بڻيا ته انهن کي راهه خدا ۾ خيرات ڪيو ويو! سُبْحٰنَ الله! اسان جي بزرگانِ دين جو نماز سان ڪهڙو نه زبردست لڳاءُ هيو ۽ افسوس! اڄ اسان جي حالت اها آهي جو اڪثريت نماز ئي کي وساري ويٺي آهي! اذان جي ذريعي پنج وقت نماز لاءِ سڏُ ملي ٿو پر احساس تائين ناهي هوندو! جيڪڏهن ڪنهن کي ملڪ جو صدر يا ڪو وزير دعوت نامو موڪلي ته ان جي خوشي جي انتها نه رهي، ماڻهن ۾ ان جي دعوت جو خوب خوب تذڪرو ڪندو وتي ته فلاڻي تاريخ تي فلاڻي وزير جي دعوت ۾ ويندس. افسوس! دنياوي حڪمران جي دعوت ته فخر جو سبب آهي پر نماز جي دعوت ڏيڻ وارو (يعني مُؤَذِّن) دربارِ الٰهي جي حاضري جي لاءِ مسجد جي طرف گهرائي ته ان جي ڪا پرواهه نه ڪئي وڃي. جيڪڏهن ڪو عزيز يا دوست شادي يا ڪنهن بي تقريب جي دعوت ڏئي ته دل نه ڪرڻ جي باوجود به ان جي دعوت قبول ڪئي ويندي آهي چو ته ڪڏهن ڪڏهن اهو خوف هوندو آهي ته دعوت قبول نه ڪرڻ ڪتي ان جي ناراضي جو سبب نه بڻجي وڃي!

پر ڪڏهن اوهان اهو سوچيو آهي تہ مُؤَذِّن جي پڪار: حَيَّ عَلَى الصَّلَاة، يعني ”اچو نماز جي طرف!“ ٻڌي ڪري جيڪڏهن دعوتِ نماز قبول نہ ڪئي تہ پاڪ پروردگار ناراض ٿي ويندو! ياد رکو.

پڑھتے ہیں جو نماز وہ جنت کو پائیں گے جو بے نماز ہیں وہ جہنم میں جائیں گے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## خشوع واري نماز غم دور ڪندي آهي

دعوتِ اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي 103 صفحن جي ڪتاب ”راهِ علم“ جي صفحي 87 تي آهي: طالبِ علم جي لاءِ مناسب ناهي تہ اهو دنياوي امور (يعني دنيا جي معاملن) جي باري ۾ فڪر ۽ غم ڪري چو تہ دنياوي معاملن جو فڪر ڪرڻ سراسر نقصان آهي ۽ ان جو ڪو فائدو ناهي چو تہ دنيا جو فڪر دل جي اونداهي جو موجب (يعني سبب) هوندو آهي، جڏهن تہ فڪرِ آخرت تہ دل جي نور جو سبب هوندو آهي ۽ ان نور جو اثر نماز ۾ ظاهر ٿيندو آهي، (چو) تہ دنيا جو غم ان کي خير (يعني ڀلائي جي ڪمن) کان روڪي رهيو هوندو آهي جڏهن تہ آخرت جو فڪر ان کي سٺن ڪمن جي طرف اڀاري رهيو هوندو آهي. اهو بہ ياد رهي تہ نماز خشوع و خضوع سان ادا ڪرڻ ۽ علمِ دين حاصل ڪرڻ ۾ لڳل رهڻ فڪر ۽ غم کي دور ڪري ڇڏيندو آهي. (راهِ علم)

غم روزگار میں تو مرے اشک بہ رہے ہیں ترا غم اگر رلاتا تو کچھ اور بات ہیں
(وسائل بخشش (مرمم)ص۔ ۳۸۴)

## روزي ۾ برڪت جو مضبوط ذريعو

انهي ”راهِ علم“ جي صفحي 92 تي آهي: رزق جي وسعت جو قوي يعني روزي ۾ برڪت جو مضبوط ترين ذريعو اهو آهي ته انسان نماز کي خشوع و خضوع، تعديلِ ارڪان (يعني نماز جا رڪن، آهستي آهستي ادا ڪرڻ) جو لحاظ ڪندي ۽ تمام واجبات ۽ سُنّتن ۽ آداب جي پوري طرح رعايت ڪندي ادا ڪري. (راهِ علم)

## وڏي عمر ماڻڻ جا 10 سبَبَ

اهي شيون جيڪي عمر ۾ زيادتي جو سبب بڻجن ٿيون، اهي هي آهن: (1) نيڪي ڪرڻ (2) مسلمانن کي ايذاء نه ڏيڻ (3) بزرگن جو احترام ڪرڻ (4) صلہ رحمي (يعني رشتي دارن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ (5) هر روز صبح ۽ شام هنن لفظن کي ٽي ٽي ڀيرا پڙهڻ: سُبۡحٰنَ اللهِ، مِلۡءَ الۡمِيۡزَانِ، وَمُنۡتَهَى الۡعِلۡمِ، وَمَبۡلَغَ الرِّضَا، وَزِنَةَ الۡعَرۡشِ، وَ الۡحَمۡدُ لِلّٰهِ، وَ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ، وَ اللهُ اَكۡبَرُ، مِلۡءَ الۡمِيۡزَانِ، وَ مُنۡتَهَى الۡعِلۡمِ، وَمَبۡلَغَ الرِّضَا، وَزِنَةَ الۡعَرۡشِ (6) بنا ضرورت جي سرسبز وڻن کي ڪٽڻ کان بچڻ (7) پوري طريقي سان سنتن ۽ آداب جو لحاظ رکندي وضو ڪرڻ (8) نماز خشوع و خضوع سان پڙهڻ (9) هڪ ئي احرام سان حج و عمره ادا ڪرڻ يعني حج قِران ڪرڻ (10) پنهنجي صحت جو خيال رکڻ. هي سڀ ڳالهيون عمر ۾ زيادتي جو سبب بڻجن ٿيون. (راهِ علم،ص95،بتغير قليل)

## ٻانهو رڪعتون چو وساري ويهندو آهي؟

غيب جي خبر ٻڌائڻ واري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عالي شان آهي: ”جڏهن اَذان ٿيندي آهي ته شيطان پُٺي ڦيري پوئين پير ڀڄندو

آهي ته اذان نه ٻُڌي سگهي، اَذان کان پوءِ ٻيهر اچي ويندو آهي. ۽ جڏهن ”اِقامت“ ٿيندي آهي ته پوءِ ڀڄي ويندو آهي، اقامت کان پوءِ اچي نمازي کي وسوسا وجهڻ شروع ڪندو آهي ۽ ان جي وسريل ڳالهين جي باري ۾ چوندو آهي: فلاڻي ڳالهه ياد ڪر، فلاڻي ڳالهه ياد ڪر ايستائين جو نمازي کي ياد ناهي رهندو ته هن ڪيتريون رڪعتون پڙهيون آهن؟“ (بخاري،ج1،ص222،حديث608)

## اذان ۾ شيطان کي پري ڪرڻ جو تاثير آهي

حڪيم الامت، حضرت مفتي احمد يار خان رحمۃ اللہ علیه هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان لکن ٿا: هتي شيطان جي ڀڄڻ جي ظاهري معنٰي ئي مراد آهي ۽ اذان ۾ شيطان کي پري ڪرڻ جي تاثير آهي، انهي ڪري طاعون (Plague) ڦهلجڻ تي اذان ڏياريندا آهن ڇوته اها بيماري جنن جي اثر سان آهي. ٻار جي ڪن ۾ اذان ڏني ويندي آهي ڇو ته ان جي پيدائش وقت شيطان موجود هوندو آهي جنهن جي مار سان ٻار روئندو آهي. دفنائڻ کانپوءِ قبر جي سيراندي وٽ اذان ڏني ويندي آهي ڇوته اهو ميت جي امتحان ۽ شيطان جي پٽڪائڻ جو وقت آهي، ان (يعني اذان) جي برڪت سان شيطان ڀڄندو، پڻ ميت جي دل کي سڪون ملندو، نئي گهر ۾ دل لڳي ويندو، نَڪِيرَين (يعني مُنڪر نڪير) جي سوالن جا جواب ياد اچي ويندا. (مراۃ المناجيح، ج. 1، ص. 409) (قبر تي اذان ڏيڻ جي باري ۾ تفصيلي معلومات جي لاءِ ”فتاوي رضويه“ (مُخرَجَه) جلد 5 ۾ موجود رسالي ”اِيْذَانُ الْاَجْرِ فِيْ اَذَانِ الْقَبْرِ“ جو مطالعو ڪريو)

## نماز ۾ وسريل ڳالهيون ياد اچي وينديون آهن

مفتي احمد يار خان صاحب رحمۃ اللہ علیہ اڳتي هلي وڌيڪ فرمائن ٿا: تجربو آهي تہ نماز ۾ اهي ڳالهيون ياد اچي ويندیون آهن جيڪي نماز کان ٻاهر ياد ناهن ايندیون. هن مان معلوم ٿيو تہ اللّٰہ پاڪ شيطان کي انسانن جي دلين تي تصرف ڪرڻ جي قدرت ڏني آهي انسانن جي آزمائش لاءِ، ڪيتري ڪوشش ڪئي وڃي پر ان وسوسن کان مڪمل طور تي نجات ناهي ملندي. گھرجي تہ وسوسن جي پرواھ نہ ڪري، نماز پڙهندو رهي، مڪين جي سبب ڪاڏو نہ ڇڏي.
(مرآۃ المناجيح، ج. 1، ص. 410)

## شيطان خزاني جي خبر ڏني! (حڪايت)

هڪ شخص مال دفن ڪري وساري ڇڏيو ۽ حضرت امام اعظم ابو حنيفہ رحمۃ اللہ علیہ جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿيو، پاڻ فرمايائون: سڄي رات نفل نماز پڙھ توکي ياد اچي ويندو، ان شخص نماز پڙهڻ شروع ڪئي اڃان ڪجھ رڪعتون ئي پڙهيون هيون تہ ان کي ياد اچي ويو (پوءِ ان نفل نماز ختم ڪري ڇڏي) پوءِ امامِ اعظم رحمۃ اللہ علیہ جي خدمت ۾ حاضر ٿي اهو واقعو بيان ڪيو. پاڻ رحمۃ اللہ علیہ فرمايو: مون کي خبر هئي تہ شيطان توکي سڄي رات نماز نہ پڙهڻ ڏيندو ۽ توکي تنهنجو مال ياد ڏياريندو تہ جيئن تون نماز ڇڏي ڏين.
(الخيرات الحسان، ص. 71،ملخصاً)

**اي عاشقانِ رسول!** هن حڪايت مان هي ظاهر ٿيو تہ امام اعظم ابو حنيفہ رحمۃ اللہ علیہ جي حڪم جي مطابق ان شخص رضاءِ اِلٰهي جي لاءِ خشوع ۽ خضوع سان نفل پڙهيا هئا ۽ ان جو ڪم بڻجي ويو.

اهو ياد رکو! جڏهن به ڪنهن دنياوي ڪم لاءِ ورد ۽ وظيفو ڪيو ته ان ۾ ثواب جي نيت به ڪرڻ گهرجي، مثال طور روزي ۾ برڪت، بيماري کان شفا، قرض جي ادائيگي، اولاد ٿيڻ يا رشتو ملڻ وغيره جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي قافلي ۾ سفر ڪريو يا ڪو ورد ۽ وظيفو ڪيو ته الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ جي نيت ضرور ڪريو الله ڪريم چاهيو ته ڪم به ٺهجي ويندو. اهڙي طرح صلٰوة الّحاجت وغيره جي ادائيگي به ثواب جي نيت سان ڪرڻ گهرجي.

## رڪعتن جو تعداد وسري وڃي ته ڇا ڪرڻ گهرجي؟

”بهار شريعت“ ۾ آهي: ❖ جنهن کي رڪعتن جي ڳڻپ ۾ شڪ هجي، مثلاً ٽي ٿيون يا چار ۽ بلوغ (بالغ ٿيڻ) کان پوءِ اهو پهريون واقعو آهي ته سلام ڦيري يا ڪو عمل نماز جي خلاف ڪري نماز ٽوڙي ڇڏي يا غالب گمان جي مطابق پڙهي ڇڏي پر هرصورت ۾ ان نماز کي ورائي پڙهي. فقط ٽوڙڻ جي نيت ڪافي ناهي (يعني نماز ٽوڙڻ جو عمل ڪرڻو پوندو) ۽ جيڪڏهن اهو شڪ پهريون پيرو ناهي بلڪ ڪيئي پيرا هن کان پهريان به ٿي چڪو آهي ته جيڪڏهن غالب گمان ڪنهن طرف هجي ته ان تي عمل ڪري نه ته ڪمي واري تعداد کي اختيار ڪري يعني ٽي يا چار ۾ شڪ هجي ته ٽي قرار ڏيئي، ٻه ۽ ٽي ۾ شڪ هجي ته ٻه، وَعَلٰى هٰذَا الْقِيَاس (يعني ۽ اهڙي طرح) ۽ ٽئين چوٿين ٻنهي رڪعتن ۾ قعدو ڪري ڇو ته ٽئين رڪعت جو چوٿون ٿيڻ مُحۡتَمَل (يعني ٽئين جو چوٿين رڪعت هجڻ جو امڪان) آهي ۽ چوٿين رڪعت ۾ قعدي کان پوءِ سجده سهو ڪري سلام ڦيري ۽ غالب گمان جي صورت ۾ سجدو سهو ناهي پر جي ڪڏهن سوچڻ ۾ هڪ رڪن جي مقدار (يعني ٽي پيرا سُبۡحٰنَ

الله چوڻ جي مقدار) جو وقفو ڪيو تہ سجده سهو واجب ٿي ويو. ❖ نماز پوري ڪرڻ ڪان پوءِ شڪ ٿيو تہ ان جو ڪوبہ اعتبار ناهي ۽ جيڪڏهن نماز ڪان پوءِ يقين آهي تہ ڪو فرض رهجي ويو پر ان ۾ شڪ آهي تہ اهو ڪهڙو فرض آهي تہ پوءِ ٻيهر پڙهڻ فرض آهي.
(بهار شريعت، ج. 1، ص. 718)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اهي انٽرنيٽ جو غلط استعمال ڪندا هئا

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** وضوء غسل ۽ نماز بابت مسئلا سکڻ جو جذبو ماڻڻ، پنهنجي اندر خوفِ خدا وڌائڻ، گناهن کان پاڻ کي بچائڻ ۽ پاڻ کي جنت جي رستي تي هلائڻ جو ذهن ٺاهڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ "دعوتِ اسلامي" جي ديني ماحُول سان وابستہ رهو. ترغيب لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌو: جيئن ڪراچي جي علائقي اورنگي ٽاؤن جي رهائشي اسلامي ڀاءُ رات ڏينهن گناهن جو بازار گرم ڪري رکيو هو، اسنوڪر، ڊبو، ڪرڪٽ وغيره ۾ جوا کيڏندو هو، برن دوستن سان ملي فلمون ڊراما ڏسندو ۽ ذاتي ڪمپيوٽر تي شرم ناڪ فلمون ڏسندو هو. بيان ڪرڻ وقت لڳ ڀڳ چار پنج سال پهريان جي ڳالهہ آهي تہ هڪ ڀيرو انٽرنيٽ استعمال ڪري رهيو هو ۽ مختلف ويب سائيٽس کولي رهيو هو تہ اوچتو ئي هڪ بيان آن لائن هليو. ان اڳتي ئي وڌڻ چاهيو ٿئي تہ بيان ڪرڻ واري جي انداز ان جو هٿ روڪي ورتو، اهو بيان ٻڌڻ لڳو، مبلغ خوفِ خدا ڏياري رهيو هو. بيان جي دوران اهو بہ پنهنجي گناهن کي ياد ڪري شرمسار ٿيڻ لڳو، اهو هي بيان ٻڌي متاثر ٿيو. وڌيڪ معلومات ڪئي تہ خبر پئي تہ اهو بيان دعوتِ اسلامي جي سنتن

پريي اجتماع ۾ صحراءِ مدينہ نزد ٽول پلازه ڪراچي ۾ ٿي رهيو هو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه انهيءِ اجتماع ۾ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مريد بڻجڻ کان پوءِ گناهن کان حفاظت جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويو، ايئن ان کي توبهہ جي سعادت ملي وئي. ان کان علاوه بہ ان دعوتِ اسلامي جون برڪتون ڏنيون آهن مثلاً هڪ ڀيري ان خواب ۾ ڏٺو تہ مسجد نبوي شريف ۾ مدرسة المدينہ (بالغان) لڳيل هو ۽ اسلامي ڀائر قرآن ڪريم پڙهي رهيا آهن. هڪ ڀيري ڏٺو تہ مسجد نبوي ۾ دعوتِ اسلامي جو هفتيوار سنتن پريو اجتماع ٿي رهيو آهي ۽ هڪ مبلغ دعوتِ اسلامي بيان فرمائي رهيا آهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰه علاقائي سطح تي نيڪ اعمال جي ذمہ داري بہ ملي ۽ ڪم و بيش 11 مهينن کان استقامت سان هر مهيني مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت بہ نصيب ٿي.

ترا شکر مولا دیا مدنی ماحول

نہ چھوٹے کبھی بھی خدا مدنی ماحول

(وسائل بخشش (مرمم)ص۔ ۶۴۷)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دنيا کان وڃڻ واري وانگر نماز پڙهو

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جڏهن توهان مان ڪو نماز پڙهي تہ رخصت ٿيڻ واري شخص وانگر اهو خيال ڪري نماز پڙهي تہ هاڻي ڀيهر نماز نہ پڙهي سگهندو.

(جامع صغير، ص. 50، حديث 716)

## نماز جي وقت پنهنجي هر شيءِ کي الوداع چئي ڏيو!

حضرت امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رحمۃ اللہ علیہ هن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: يعني ان شخص وانگر نماز پڙهو جيڪو پنهنجي نفس کي رخصت ڪندي، پنهنجي خواهشن کي ڇڏيندي ۽ پنهنجي زندگي کي الوداع چوندي پنهنجي مولٰي جي طرف وڃي رهيو هجي. (احياءَ العلوم، ج. 1، ص. 205)

حضرت بَڪّر بن عبدالله مُزَني رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: جيڪڏهن توهان اهو چاهيو ٿا ته توهان جي نماز توهان کي فائدو پهچائي ته (نماز شروع ڪرڻ کان پهريان) هي چئو: شايد مان هن نماز کان پوءِ ٻيهر نماز نه پڙهي سگهندُس. (قصر الامل مع موسوعه لامام ابن ابي دنيا، ج. 3، ص. 328، رقم 104)

## اِها منهنجي زندگي جي آخري نماز آهي

نماز جي وقت موت کي ياد ڪيو وڃي ۽ اهو ذهن ٺاهيو وڃي ته اها منهنجي زندگي جي آخري نماز آهي. فرمانِ مصطفٰي صلّی اللہ علیہ واٰلہ وسلّم آهي: ”پنهنجي نماز ۾ موت کي ياد ڪيو ڇو ته جڏهن ڪو شخص پنهنجي نماز ۾ موت کي ياد ڪندو ته اهو ضرور بهترين انداز ۾ نماز پڙهي سگهندو ۽ ان شخص وانگر نماز پڙهو جنهن کي اميد نه هجي ته اهو ٻيهر نماز ادا ڪري سگهندو.“

(ڪنز العمال، ج. 7، ص. 212، حديث 20075)

# ايندڙ هفتي جو رسالو




978-969-722-695-5
01082510

فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net